# سنڌ متحده محاذ ۽ ون يونٽ



Gul Hayat Institute

جي ايم سيد

# سنڌ متحده محاذ

۽

# ون يونٽ

جي. ايم. سيد

Gul Hayat Institute

پاران - سنڌيت پرست
پبليڪيشن ڪراچي
سنڌ

## محب سنڌ مخدوم جي. ايم. سيد صاحب
## جا تصنيف ڪيل ٻيا ڪتاب

- مجال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام (ڇپيل).
- عدالتي ڪاتي کان انتظامي ڪاتي کي جدا ڪرڻ.
- (علي محمد شاهه راشديءَ جي مدد سان لکيل)-(ڇپيل).
- "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد،" ٻه جلد، ٻئي ڇاپا (ڇپيل)، جيڪو پوءِ ضبط ٿيو.
- "پيغام لطيف" (ڇپيل).
- "موجوده سياسي مسئلا": قوميت، زبان، مسلم ليگ ۽ سنڌ جي مسئلن تي مضمونن جو مجموعو (ڇپيل)، جيڪو پوءِ ضبط ٿيو.
- "مٽياري ۽ سنائي سيدن جي تاريخ ۽ شجرا"، (اڻ ڇپيل).
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون ڪافيون (ڇپيل).
- "رهاڻ": سيد ميران محمد شاهه جي کين لکيل خطن تان ورنديل خطن جو مجموعو (اڻ ڇپيل).
- "جنب گذاريم جن سين"— ٻه جلد (ڇپيل).
- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني — پنج جلد (اڻ ڇپيل).
- اسلام جا ٻه تعبير (اڻ ڇپيل).
- "بزم صوفياءِ سنڌ" جي آئين ڪاميٽيءَ ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهيل ست خطبا (ڇپيل).
- "ساهڙ جا سينگار"، علامه آءِ. آءِ. قاضي جي کين لکيل خطن جو مجموعو (ڇپيل).

* * * *

زينت پرنٽرس — ڪوڪر محلو، حيدرآباد سنڌ.

ڪاپيون ۽ ۾ هزار] نومبر ١٩٦٩ع [ايڊيشن: پهريون
هڪ هزار ١٩٨٧ع ٻيو

ملهه - ١٨ (ارڙهن) روپيه

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ:- سنڌيت پرست پبليڪيشن
ٻيون ڇاپو : سيڪريٽري، سنڌ متحده محاذ، مرڪزي آفيس،
الخليل بلڊنگ، قاضي عبدالقيوم روڊ،
حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ:- "زينت پرنٽرس"، ڪوڪر محلو،
حيدرآباد سنڌ.

# فهرست


١. ائنٿي ون يونٽ ڪانفرنس ٥
صدارتي خطبو.
٢. شيخ مجيب الرحمان کي ڏنل ١٢
خطبهٔ استقباليه
٣. سنڌ متحده محاذ جي تاريخ، مقاصد ٢٥
۽ طريقهٔ ڪار تي سرسري نظر
٤. ون يونٽ جو قيام ٤٤
مخالفن جا خدشا ۽ موافقن جا فائدي پر دليل
٥. ڪوئيٽا - بلوچستان متحده محاذ ٧٥
صدارتي خطبو


Gul Hayat Institute

مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن کي مڪمل آٽو نامي ڏيارڻ جو آواز اٿاريو آهي.

آخر ۾ آئون، اوهان مهني صاحبن جو شڪريه ادا ڪريان ٿو، جو اوهان سنڌ جي هر گوشي کان ڪهي، هتي اچي، اسان جي همت افزائيءَ ۽ مدد لاءِ گڏ ٿيا آهيو.

— غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

# شيخ مجيب الرحمان، صدر پاڪستان عوامي ليگ
## کي ڏنل خطبهء استقباليه

[هيءَ خطبهءِ استقباليه، تاريخ ١٠- آگسٽ ١٩٦٩ع،
انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل، ڪراچي، ۾ پڙهيو ويو.]

محترم مهمانو! شيخ مجيب الرحمان صاحب، صدر، پاڪستان عوامي ليگ ۽ ان جا معزز ساٿيو!

اسين سر زمين پاڪستان جي اُن حصي ۾ اوهان صاحبن کي دل جي خلوص ۽ گهراين مان خوش آمديد چئون ٿا، جنهن کي "سنڌ" جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. آءٌ ان جي باري ۾ وڏيءَ انڪساريءَ سان اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته هيءَ سر زمين ڪيترين خصوصيتن جي بناء تي ممتاز حيثيت جي مالڪ آهي. اسين هن علائقي جي تاريخ ۽ هتان جي باشندن جي انهن خوبين ڏانهن اوهان صاحبن جو ڌيان ڇڪائڻ مناسب سمجهون ٿا:

(١) سنڌ آها سرزمين آهي، جنهن جون "فرحت بخش هوائون"، اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، عرب. ڏانهن گهلندي محسوس ڪيون هيون.

(٢) هن برصغير ۾ فقط سنڌ کي ئي "باب الاسلام" هئڻ جو شرف حاصل آهي.

(٣) دنيا جي هِن حصي ۾، اسلامي تبليغ جي سلسلي ۾، سنڌ نمايان پارٽ ادا ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

اڄ، اولهہ پاڪستان جي ننڍن صوبن ۾ اها ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ زيادہ کان زيادہ همخيال فردن، گروهن ۽ جماعتن تي مشتمل محاذ، وجود ۾ آندا وڃن.

جيڪڏهن پاڪستان جون سموريون همخيال سياسي جماعتون ڪنهن سمجهوتي تي آمادہ ٿي وڃن تہ ان مان ننڍن صوبن ۾، اسان جي ڪم ۾ وڏيڪ آساني پيدا ٿيندي.

اڄ وري هڪ دفعو اوهان سڀني صاحبن کي مرحبا چوان ٿو ۽ پنهنجي طرفان يقين ڏياريان ٿو تہ اسين اوهان جي قيادت ۾ مڪمل اعتماد رکون ٿا ۽ اوهان جي ذات گراميءَ جي معرفت، پنهنجي اوڀر پاڪستان جي ڀائرن کي دل جي انتهائي گهراين ۽ محبت مان سلام پيش ڪريون ٿا.

— غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

لاءِ صلاحون مشورا ڪرڻ شروع ڪيا. اِها حقيقت بلڪل ظاهر آهي ته ون يونٽ ٺاهڻ ۾ سنڌ جي جن مکيه سياستدانن جو هٿ هو، تن جو مدارالمهام، خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو هو. انهيءَ سبب اسان توڙي ٻئي سموري سنڌي عوام کي مٿس سخت ناراضگي هئي. آءٌ ته سندس گهر جو پاڻي به نه پيئندو هوس، پر انسان خطا جو گهر آهي، نيڪي ۽ بدي انسان کان ئي سرزد ٿين ٿيون، تنهنڪري ڪنهن جي خطا کي درگذر ڪري، ان جي اصلاح ڪرڻ خود نيڪيءَ ۾ شمار آهي. اسان ڪير آهيون؟ جڏهن خود خدا به پنهنجن گنهگار بندن سان عفو ۽ بخشش جو واعدو فرمايو آهي.

متحده محاذ، اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ناڪامياب بنائڻ جي ارادي سان داخل ٿيو هو. اتي رهڻ بعد اسان کي سيد ميان خير شاهه ۽ آغا غلام نبي خان ذريعي معلوم ٿيو ته خانبهادر کهڙو پنهنجي ڪيل غلطيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ، مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ کي، ون يونٽ ڊاهڻ ۽ اڳوڻن صوبن جي بحاليءَ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي تيار آهي.

اسان اهڙيءَ رٿ کي آجيان ڪندي، ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪيو. ۽ ميان خير شاهه جي جاءِ تي مسلم ليگ جي اڳواڻن سان ٻن - ٽن نشستن بعد، خانبهادر کهڙو اهڙي سمجهوتي ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن مطابق، مسلم ليگ جا اڳواڻ، سان کي اولهه پاڪستان - اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ وارا هئا. اهڙي ٺهراءَ تي ميان ممتاز دولتانه (جو خود ون يونٽ ٺاهيندڙن مان هو)، سردار بهادر خان، قاضي عيسيٰ، خان عبدالقيوم خان ۽ خانبهادر کهڙي جون صحيحيون هيون. کهڙي صاحب جي انهيءَ ڪارنامي کي وسارڻ مناسب نه ٿيندو. سياست جي دنيا ۾، اڪثر ڪري سياستدانن کان رد عمل طور يا مخصوص حالتن جي مجبورين سبب، ڪي اهڙيون غلطيون به ٿينديون آهن، جن کي جيڪڏهن اصولن جي تارازيءَ ۾ تورجي ته اهي ڪنهن به

ڪنيو ٿي ان ڳالهه آڌار تي هو ته اسين سمورا گڏجي هن مهم کي منهن ڏينداسين. پر خدانخواسته، جيڪڏهن هئو اهڙي قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيا ته به اسان کي يقين آهي ته حب الوطنيءَ جو جذبو ۽ سنڌ سان محبت جي ڪشش، ڪين مونائي آئي ساڳيءَ جاءِ تي ڪڻو ڪندي. بهرحال، ڪين اها حقيقت ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته اسان سڀني سنڌين جو اتحاد، مخالفت تي وڏيڪ اثرانداز ٿي سگهي ٿو ۽ اسان جا پاڻ ۾ معمولي اختلاف، خود اسان لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪندا.

اڄ هن راءِ جو آهيان ته کهڙي صاحب جي گروهه کي محاذ ۾ آڻڻ سان، ون يونٽ جي خاتمي لاءِ وڌيڪ رستو هموار ٿيو آهي ۽ مقصد کي نقصان بجاءِ، فائدو ٿي پهتو آهي. ليڪن باوجود ان جي، جيڪي صاحب مختلف راءِ رکي، الڳ ٿي، قومي شيرازه کي ڪمزور ڪرڻ جي راهه اختيار ڪندا، تن کي زور سان روڪي ڪين سگهبو. تاريخ ئي اڳتي هلي فيصلو ڪندي ته اسان مان ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط.

Gul Hayat Institute

—غلام مرتضيٰ

# ون يونٽ جو قيام

## مخالفن جا خدشا ۽ موافقن جا فائدي ۾ دليل

سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا صوبا پنهنجي زرخيزيءَ ۽ سرحدي اهميت (۽ هينئر ڪاٺين) سببان گهڻي زماني کان ٻاهرين قومن جي حريص نگاهن جا شڪار ٿي رهيا آهن. تاريخ انهيءَ حقيقت جي گواهه آهي ته هتي مغلن، پٺاڻن، سکن، انگريزن ۽ ٻين اهڙين قسم قومن، طاقت ۽ اره زورائيءَ سان هن سرزمين تي چڙهايون ڪيون آهن. تازو جڏهين انگريزن جي حڪومت کان آزاديءَ جي حاصلات جا آثار نزديڪ نظر اچڻ لڳا، تڏهن اهو مسئلو سامهون آيو ته انهن صوبن کي نئينءَ طرح ڪهڙي حيثيت ملڻ گهرجي؟ انهيءَ سوال تي مختلف رايا ظاهر ٿيڻ لڳا. هندن جي هڪ وڏي گروه، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي مخالفت شروع ڪئي ته ٻئي طرف، هندوستان جي مسلمانن جي وڏيءَ اڪثريت طرفان سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي صوبائي آٽوناميءَ لاءِ همدرديءَ جو اظهار ٿيڻ لڳو. ليڪن عين انهيءَ وقت، هڪ اهڙو گروه به موجود هو، جنهن جي دماغ ۾ موجوده مغربي پاڪستان جي سڀني صوبن کي ملائي، هڪ ڪرڻ جو خيال ويٺل هو. علامه اقبال عليه رحمت جي آل انڊيا مسلم ليگ جي ١٩٣٠ع واري الهه آباد جي خطبي کي غور سان ڏسبو ته اها حقيقت صاف ڏسڻ ۾ ايندي.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، جيستائين قائد اعظم ۽ نوابزاده لياقت علي خان زنده هئا، تيستين اهي خواهشون ۽ ارادا



Gul Hayat Institute

سزا ڀوڳڻي پيئي. آخر سنڌ مان اهي ماڻهو وزير ڪري کنيا ويا، جن مان ٻن مکيه ماڻهن، يعني قاضي فضل الله ۽ عبدالستار پيرزاده، ون يونٽ جي مخالفت ڪئي هئي. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جي لائق آهي ته ”ريپبلڪن پارٽيءَ“ جي مقاصد ۾ ون يونٽ کي مضبوط ڪرڻ جو هڪ اصول داخل هو. اسان جي سنڌي وزيرن به مجبوراً ان اصول کي تسليم ڪندي، وزارت قبول ڪئي.

(٣) جڏهين مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون، تڏهن پهرين اهو سوال اٿيو ته اسان، جيڪي ون يونٽ جي مخالف هئاسون، ڪهڙيءَ طرح ان ۾ وڃون؟ ان تي اهو دليل پيش ڪيو ويو ته جهڙيءَ طرح ڪانگريسي ميمبر، هڪ وقت اسيمبلين ۾ صرف انهن کي ناڪامياب بنائڻ لاءِ ويندا هئا، اهڙيءَ طرح اسان به وڃي سگهون ٿا. ليڪن، سرڪار طرفان سخت دٻاءُ پئي پيو ۽ دادو ضلعي جا ٽي ميمبر، جي ون يونٽ جي خلاف هئا، تن کي ڪنهن به طرح مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چونڊجي اچڻ نه ڏنو وڃي. اهي ٽي هئاسون (١) پير ميان الاهي بخش، (٢) ميان عبدالحميد جتوئي ۽ (٣) جي. ايم. سيد. ليڪن خدا سان ڪم پوندو، جيڪڏهين اسان کي ون يونٽ بنائيندڙ، پير علي محمد شاهه راشدي (ان وقت مرڪزي حڪومت جو وزير هو)، پنهنجي دوست، ملڪ سڪندر خان جو ووٽ نه ڏياري ها، ته نڪي اسان ميمبر چونڊجي سگهون ها ۽ نڪي آئينده مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائي سگهون ها.

(٤) مغربي پاڪستان اسيمبلي ٺهڻ بعد، اسان کي معلوم ٿيو ته هڪ منظم پروگرام تحت، مٿي ذڪر ڪيل واعدن جي خلاف ورزي ڪئي پئي وڃي، جيئن ته

(الف) سنڌ جي ٨٠ ڪروڙ روپين جي خرچ تي ٺهرايل ڪوٽڙيءَ بئراج تي، ٽنڊه محمد خان جون زمينون، سرڪاري خرچ تي سڌاري، غير سنڌين کي ڏنيون ويون.

Gul Hayat Institute

ڪهڙيون ڳالهيون ڪيس مانع آهن؟ هو ڪهڙيءَ طرح ننڍن صوبن جي ڪثرت راءِ جي مخالفت ۽ بينگال جي مخالفت ڪرڻ سان، سنڌ کي ون يونٽ کان آزاد ڪرائي سگهندو؟

نوجوانيءَ ۾ هوش کان جوش زياده هوندو آهي. اسان جي مخلصانه صلاح اٿس ته ان غرور کان هيٺ لهي، محاذ ۾ داخل ٿئي. شاهه صاحب جو هيٺيون بيت اکين کولڻ لاءِ ڪافي آهي:

"متو آهين ميڇ، ٿلهو ٿو ٿـونـا هڻين،
توجا پانئين آڇ، تنهن پاڻيءَ ڀڳي ڏينهڙا!."

## (۷) پاڪستان جمهوري پارٽي:

هن پارٽيءَ ۾ هيٺيان گروهه شامل آهن:

۱- چوڌري محمد عليءَ (ون يونٽ جي باني ۽ حامي) جو گروهه،

۲- نوابزاده نصرالله خان (ون يونٽ جو حامي ۽ سامراجي ذهنيت جي صاحب) جو گروهه،

۳- ميان نورالامين صاحب (اهل بينگال جي تڙيل) جو گروهه، ۽

۴- ايئر مارشل اصغر خان (ايماندار، شريف، ساده ۽ سياست کان اڻ واقف) جو گروهه.

انهن گروهن هن وقت تائين جيڪو پروگرام ڏنو آهي، اهو شيطان جي آنڊي کان به وڏو آهي. اڄ ان کي جيترقدر سمجهي سگهيو آهيان، هيٺيان نتيجا ڪڍيا اٿم:

(۱) ۱۹۵۶ع جو آئين يڪدم قبوليو وڃي ۽ ون يونٽ جو سوال اهڙي بنياد تي چونڊيل آئين ساز اسيمبلي فيصلو ڪري. ان حالت ۾ (۱۹۵۶ع جي آئين مطابق)، هرڪنهن کي معلوم آهي ته ون يونٽ جو آئيني طور ڊهڻ، ناممڪن ٿي پوندو.

(۲) ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙن کي ڌارين حڪومتن جو



Gul Hayat Institute

تعلقي ڪميٽيون ڪي وجود ۾ آندو ويندو. ڳوٺن ۾ متحده محاذ جي شاخون برپا ڪرڻ لاءِ پڻ اڳ ۾ ئي اپيل ڪيل آهي.

(۱۲) محاذ جو دستورالعمل ۽ پروگرام، وغيره، جلد ٺاهيا ويندا.

(۱۳) ٻين سياسي پارٽين سان واسطو رکندڙ، اسان سان فقط پاڪستان جي ايندڙ آئين ۾ ون يونٽ ڊاهي، صوبا بحال ڪرڻ جي اصول تي شريڪ ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهين سندن پارٽين، ون يونٽ جي مخالفت ڪئي ته پوءِ هنن جي محاذ سان وفاداري ليکي ويندي ۽ اهڙو عهدنامو هر اسيمبليءَ جو اميدوار، لکي ڏيندو.

(۱۴) اسان جو طريقهء ڪار تاليفِ قلوب، محبت جي پرچار ۽ سڀني ماڻهن کي حتي الامڪان پاڻ سان شريڪ ڪرڻ جو هوندو، باوجود ان جي به جيڪڏهين ڪو اسان سان شريڪ نٿو ٿئي ته ان کان سبب پڇبو ۽ ان جي انهيءَ روش بابت عوام کي واقف ڪرڻ جو حق پاڻ وٽ محفوظ رکنداسون.

—غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

# ڪوئيٽا - بلوچستان متحده محاذ

[ هيءُ خطبو جناب جي. ايم. سيد صاحب، ڪوئيٽا-بلوچستان متحده محاذ جي مرڪزي آفيس جي افتتاحي موقعي، تاريخ ٥- آڪٽوبر ١٩٦٩ع تي، ڪوئيٽا ۾ پيش ڪيو.]

جناب صاحبِ صدر، متحده محاذ بلوچستان، ۽ هن قديم سرزمين جا جانباز فرزندئو!

اسلام عليڪم: آءٌ، اوهان جي سنڌي ڀائرن طرفان، اوهان ڏانهن، محبت جو پيغام عرض رکڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان!

هيءُ موقعو هڪ نهايت اهم ۽ غالباً تاريخي موقعو آهي. آءٌ پنهنجي لاءِ هيءُ هڪ وڏو اعزاز تصور ڪري رهيو آهيان، جو اوهان مون کي ياد فرمايو آهي ۽ موقعو ڏنو آهي ته اوهان سان گڏجان ۽ اوهان جي خدمت ۾ پنهنجو نقطهٔ نظر عرض رکان. آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان ان طريقي، هيءُ اعزاز سڄيءَ سنڌ کي بخشيو آهي— آها سنڌ، جا اوهان جي تمام ويجهي ۽ ايامن کان پاڙيسري سرزمين آهي.

هيءُ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته سوَها سالن کان، اوهان ۽ اسان جي قسمت هڪجهڙي، بلڪ اُئين چئجي ته گڏيل پئي رهي آهي. تاريخ جي هر دور ۾، اڳتي قدم وڌائڻ کان اڳ، اوهان ۽ اسان پنهي ڌرين جي دروازن تي هڪ ئي وقت ڪڙو ڪڙڪايو آهي. انهيءَ قديمي خصوصيت سببان، هن وقت به

Gul Hayat Institute

جي خدمت ۾، هيءُ مشورو پيش ڪريان ته جن ڀائرن اوهان جي صوبي ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي، يا اوهان جي وطن کي پنهنجو وطن بنايو آهي، انهن کي اوهان بلوچستان جي سوسائٽيءَ جو هڪ جزو تصور فرمايو. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪڏهن به نه الجهو ته هو ڪٿان آيا آهن. مطلب ته هر اهو شخص، جيڪو بلوچستان جي سرزمين تي آباد آهي، ان کي بلوچستاني سمجهيو وڃي ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ڪنهن به قسم جي فرق کي برداشت نه ڪيو وڃي. سڀني کي هڪجهڙا حق حاصل هجن ۽ سڀني سان ساڳيو سلوڪ اختيار ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ اوهان جو "اپروچ" محبت تي هجي، نه نفرت تي. نفرت جو جذبو انسان جي بدترين ڪمزوري آهي، جنهن مان مٿيون انساني قدرن ۽ اعليٰ مقصدن کي وڏو ڇيهو رسي ٿو.

آخر ۾ آءٌ ٻيهر دعا لاءِ هٿ کڻندي، هنن لفظن سان پنهنجي عرضداشت ختم ڪريان ٿو ته الله تعاليٰ اوهان کي ڪاميابي عطا فرمائي، ته جيئن اوهان نه فقط پنهنجي صوبي لاءِ، پر سموري پاڪستان لاءِ طاقت ۽ فخر جو باعث ثابت ٿيو — آمين

غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

# درستيون

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٩ | ١ | ٽي جا | جا ٽي |
| ١٣ | ٢ | شريف | شرف |
| ١٣ | ١٠ | قائد | قائد |
| ١٥ | ٧ | پنهنجا | پنهنجي |
| ١٦ | ٣ | براديون | برادريون |
| ١٧ | ١٩ | سيهڙڻ | سهيڙڻ |
| ١٩ | ١٥ | خودادي | خودداري |
| ٢٠ | ١٤ | ڪنهن به جي | ڪنهن جي به |
| ٢٢ | ٢٢ | مرحوم | محروم |
| ٢٥ | ١٠ | ١٦٣٦ع | ١٩٣٦ع |
| ٢٦ | ١٣ | نيش | نئين |
| ٢٧ | ٢٠ | ننڍن | ٺنڍين |
| ٢٩ | ١٩ | ساڻ | آسان |
| ٣٤ | ١٢ | مارشلا | مارشل لا |
| ٥٣ | ٩ | لاء | لائي |
| ٥٥ | ١٠ | ٽيو | ٽيون |
| ٦١ | ١٨ | وڃڻ | وجهڻ |
| ٧٠ | ٢٦ | ڏرن | ڏارين |
| ٧٦ | ١٥ | جي | جو |
| ٧٨ | ١٥ | ها | اها |
| ٨٠ | ٦ | ڇگين | ڇگن |
| ٨٧ | ٣ | ڪٽن | ڪٽڻ |

Gul Hayat Institute

# سائين جي.ايم سيّد

## هڪ انٽرويو ۾ فرمايو:

”مان جڏهن هندوستان پهتس ته پنهنجي هڪ پراڻي دوست سان ملڻ جي خواهش ڏيکاريم.“ جڏهن ڪيس نياپو پهتو ته منهنجي خواهش جي خبر پئي ته هن ان وراڻيو.

”مان هن قاتل (جي.ايم سيّد) سان نه ملندس!“

سائين جي.ايم سيّد جواب ۾ وراڻيو،

”موجوده دور ۾ ڪنهن قاتل جي سزا ته عمر قيد هوندي آهي، جيڪا وڌ ۾ وڌ ۱۴ سالن تائين ڪاٽبي آهي، پر مون ته ان ڏوهه ۾ هن وقت تائين ٢٦ سال قيد ڪاٽيو آهي، جيڪا هڪ قاتل لاءِ تمام وڏي سزا آهي. هاڻ ته ان ڏوهه جي معافي ملڻ کپي.“

سائين جي.ايم سيّد جي انٽرويو تان کنيل
(هفتيوار برسات جي ٿورن سان)